SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1974

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1974

اولهه پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974

THE WEST PAKISTAN ANIMALS SLAUGHTER CONTROL (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1963 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ III جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance III of 1963

3. 1963 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ III ۾ دفعه 8_A جي شموليت
Insertion of section 8_A in West Pakistan Act III of 1963

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1974
SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1974

اولھ پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
THE WEST PAKISTAN ANIMALS SLAUGHTER CONTROL (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[12 فيبروري 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو ايڪٽ، 1963 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو ايڪٽ، 1963 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي اولھ پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو ايڪٽ، 1963 ۾ (جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڙايو ايڪٽ سڏيو ويندو) ان جي دفعه 2 ۾، شق (k) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

1963 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ III جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance III of 1963

"(k) "ڪارائتو جانور" مطلب:

(i)ڪو جانور جيڪو عمر ۾ هڪ سال کان گهٽ هجي؛

(ii)هڪ ريڍ يا ٻڪري جنهن جي عمر هڪ سال کان وڌيڪ پر چار سالن کان وڌيڪ نه هجي، جيڪا ڍڪي هجي يا ڦر ڏيڻ جي مقصد لاءِ موزون هجي؛

(iii)هڪ مادي جانور سواءِ ريڍ يا ٻڪري جي، جنهن جي عمر هڪ سال کان وڌيڪ پر ٽن سالن کان وڌيڪ نه هجي؛

(iv)مادي جانور جيڪا ريڍ يا ٻڪري کانسواءِ هجي، جيڪا ڍڪي هجي يا کير سان هجي يا ٻچا ڏيڻ جي لائق هجي؛

(v)هڪ مادي جانور، سواءِ ريڍا يا ٻڪري جي، جنهن جي عمر ٽن سالن کان وڌيڪ هجي پر ڏهه سالن کان وڌيڪ نه هجي، جيڪا ڍڪي ٽيڻ جي مقصد لاءِ موزون هجي.

پر ان ۾ شامل نه هوندو ڪو اهڙو جانور جيڪو ڏٻرو آهي، زخمي آهي، بيمار آهي يا ڪو ان جو ٻيو سبب آهي، ۽ ان لاءِ لڪت ۾ وٽرنري آفيسر يا اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ جي گزيٽيڊ آفيسر سرٽيفڪيٽ ڏنو آهي ته اهو زنده رهڻ جهڙو ناهي يا هن ايڪٽ جي مطابق ڪارائتو نه آهي؛".

1963 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ III ۾ دفعه 8_A جي

3.ڇاڙايل ايڪٽ ۾، دفعه 8 کانپوءِ هيٺين دفعه 8_A شامل ڪئي ويندي:

"8_A. (1) هن ايڪٽ تحت ڏوهه ازالي لائق هوندو.

(ڏوهہ جو ازالو ۽ ٻڌڻي) ماجسٽريٽ آف فرسٽ ڪلاس کان گهٽ کا بہ عدالت هن ايڪٽ يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن تحت ڪنهن ڏوهہ تي ٻڌڻي نہ ڪري سگهندي.”	شموليت Insertion of section 8_A in West Pakistan Act III of 1963
نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.	